# ميت جي غسل ۽ ڪفن جو طريقو

سنڌي




پيشڪش:
مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامي)
ترجمو:
ٽرانسليشن ڊپارٽمينٽ (دعوت اسلامي)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ ڪان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنۡ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افۡتَحۡ عَلَيۡنَا حِكۡمَتَكَ وَانۡشُرۡ عَلَيۡنَا رَحۡمَتَكَ يَا ذَاالۡجَلَالِ وَالۡاِكۡرَام

ترجمو: اي الله پاڪ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفڪربيروت)



طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)


رسالي جو نالو: ميت جي غسل ۽ ڪفن جو طريقو

ڇاپو پهريون : محرم الحرام 1442ھ آگسٽ 2021ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

ميت جي غسل ۽ ڪفن، نيتن، فضيلتن ۽ مسئلن ۽ ٻي تفصيل تي مشتمل

رسالو

# ميت جي غسل ۽ ڪفن جو طريقو

پيشڪش

اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميه

۽ مجلس ڪفن دفن(دعوت اسلامي)

ترجمو

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

ناشر

مڪتبة المدينہ، ڪراچي


رابطي جي لاءِ:

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

Email: translation@dawateislami.net

## فهرست

ميت جي غسل ۽ ڪفن جو طريقو 1

درود شريف جي فضيلت ........ 1
نوراني چهري تي خوشيءَ جا آثار ........ 1
تجهيز ۽ تڪفين مان ڇا مراد آهي ........ 2
شرعي حڪم ........ 2
فرض ڪِفايہ ........ 2
تجهيز ۽ تڪفين جي زبردست فضيلت ........ 2
ميّت کي وهنجارڻ جي فضيلت ........ 3
غسل ميّت جون نيّتون ........ 3
ميت کي غسل ڏيڻ جو طريقو ........ 4
اسلامي ڀيڻ جي غسلِ ميّت جو طريقو ........ 5
غسل ميّت جا مدني گل ........ 7
وهنجارڻ واري جي لاءِ مدني گل ........ 7
ڪفن پارائڻ جي فضيلت ........ 8
جنّتي لباس ........ 9
ٻارن کي ڪهڙو ڪفن ڏنو وڃي ........ 9
ڪفن جو تفصيل ........ 9
ڪفن پارائڻ جون نيتون ........ 10

مرد کي ڪفن پارائڻ جو طريقو.......11
عورت کي ڪفن پارائڻ جو طريقو.......11
ڪفن ڪھڙو ھئڻ گھرجي.......12
مختلف مدني گل.......13
تجھيز و تڪفين جي متعلق سوال جواب.......14
(از دارالافتاء اھلسنت).......14
مجلس ڪفن دفن جو تعارف.......28
ميّت جا وارث ننھن ڪٽڻ.......29
خنثيٰ جي غسلِ ميّت ۽ ڪفن جو طريقو.......30
مستعمل پاڻي جو اھم مسئلو.......30
مستعمل پاڻي کي ٻيھر ڪم جو بڻائڻ جا ٻہ طريقا.......31
عوام ۾ پايون ويندڙ غلطيون.......31

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# ميت جي غسل ۽ ڪفن جو طريقو

## درود شريف جي فضيلت

شيخ طريقت، اميراهلسنت، باني دعوت اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه بياناتِ عطاريہ (حصو پهريون) جي صفحي 62 تي درودِ پاڪ جي فضيلت بيان ڪندي ”القول البديع“ جي حوالي سان فرمائن ٿا:

## نوراني چهري تي خوشيءَ جا آثار

حضرتِ سيّدنا سَهل بن سَعد رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ هڪ ڏينهن مديني جا تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻاهر تشريف وٺي آيا، ان موقعي تي حضرتِ سيّدنا طلحه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ اڳتي وڌي عرض ڪيو: ”يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تي قربان ٿين اڄ مبارڪ چهري تي خوشيءَ جا آثار محسوس ٿي رهيا آهن“ مديني جي سردار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”بيشڪ هاڻي هاڻي جبرئيل امين (عَلَيْهِ السَّلَام) مون وٽ آيا هئا ۽ انهن چيو: ”اي محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جنهن اوهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي هڪ ڀيرو درودِ پاڪ پڙهيو الله پاڪ ان جي عمل نامي ۾ ڏهہ نيڪيون لکندو ۽ ڏهہ گناهہ مٽائيندو ۽ ڏهہ درجا وڌائيندو.“ (القول البديع 107)

## تجهيز ۽ تڪفين مان ڇا مراد آهي

تجهيز جي لغوي معنيٰ آهي: ضرورت جو سامان مهيا ڪرڻ، آراسته ڪرڻ ۽ تڪفين جي معنيٰ آهي: ڪفن ڏيڻ. مرڻ کان پوءِ انسان کي جيڪو لباس پارايو ويندو آهي ان کي ڪفن چوندا آهن ۽ تجهيز ۽ تڪفين مان مراد آهي موت کان وٺي ڪري دفنائڻ تائين ميت جي لاءِ جن مُعاملن جي حاجت پوندي آهي اهي تمام ڪم ادا ڪرڻ، ان ۾ ميت جو غسل، ڪفن، نمازِجنازه، قبر جي کوٽائي سڀ شامل آهن.

## شرعي حڪم

مسلمان جي تجهيز ۽ تڪفين فرضِ ڪفايه آهي

## فرض ڪِفايه

فرض ڪِفايه اهو آهي جنهن جو ڪرڻ هرهڪ تي ضروري ناهي بلڪ جنهن جنهن کي خبر پئي انهن مان ڪجھ ماڻهن ڪري ورتو ته سڀني جي طرف کان ادا ٿي ويو ۽ جيڪڏهن انهن مان جن کي اطلاع ملي ڪنهن هڪ به نه ڪيو ته سڀئي گنهگار ٿيندا.

(وقارالفتاويٰ، ڪتاب الصلوٰة، 57/2ملخصاً)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! تجهيز ۽ تڪفين ۾ شرڪت سعادت ۽ اجر ۽ ثواب جو ذريعو آهي، حديث مبارڪ ۾ ان جي زبردست فضيلت آئي آهي. جيئن ته

## تجهيز ۽ تڪفين جي زبردست فضيلت

اميرالمومنين حضرت مولاءِ ڪائنات سَيِّدنا علي المرتضي شير خدا رَضِیَ اللہُ عَنۡهُ کان روايت آهي ته حضور اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جيڪو ڪنهن ميّت کي وهنجاري، ڪفن پارائي، خوشبو لڳائي،

جنازو ڪڻي، نماز پڙهي ۽ جيڪا عيبدار ڳالھ نظر اچي ان کي لڪائي تہ اهو گناهن کان ائين ئي پاڪ ٿي ويندو آهي جيئن پيدائش جي ڏينهن هو. (سنن ابن ماجہ، كتاب الجنائز، باب ما جاء في غسل الميت ج 2 ص 201 حديث 1462)

سُبْحٰنَ اللّٰہ! ڪهڙي نہ پياري فضيلت آهي. تجهيز ۽ تڪفين ڪرڻ وارن جا تہ ڄڻ ٻاڳ ئي کلي ويندا آهن لهٰذا جڏهن ڪنهن مسلمان جي مرڻ جي خبر ملي ۽ ممڪن هجي تہ سنيون سنيون نيتون ڪري ان جي تجهيز ۽ تڪفين ۾ شامل ضرور ٿيو.

## ميّت کي وهنجارڻ جي فضيلت

حضرت سيّدنا جابر رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان روايت آهي تہ حضورِ اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جنهن ڪنهن ميّت کي غسل ڏنو اهو پنهنجي گناهن کان ايئن پاڪ ۽ صاف ٿي ويندو جيئن ان ڏينهن هئو جنهن ڏينهن ان جي ماءُ ان کي ڄڻيو هو. (معجم اوسط للطبراني، ج. 6، ص. 429، حديث 9292)

هاڻي غسل ميت جو طريقو بيان ڪيو ويندو پر پهريان ڪجھ نيتون ڪري وٺو.

## غسل ميّت جون نيّتون

❖ رضاءِ الٰهي حاصل ڪرڻ ۽ آخرت جو ثواب ڪمائڻ جي لاءِ ميّت کي غسل ڏيندس ❖ فرض ڪفايہ ادا ڪندس. ❖ جيترو ٿي سگهيو باوضو رهندس. ❖ ضرورتًا غسل کان پهريان مدد ڪندڙن کي غسل جو طريقو ۽ سنّتون ٻڌائيندس. ❖ ميّت جي اوگهڙ ڍڪڻ جو خصوصي خيال رکندس. ❖ عضوا ڌوئڻ وقت نرمي ۽ آهستہ سان

حرڪت ڏيندس. ❖ پاڻي جي اسراف ڪان بچندس. ❖ مردي جي لاچاري ڏسي ڪري عبرت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس. ❖ مسئلو پيش آيو تہ دارالافتاء اهلسنّت ڪان شرعي رهنمائي حاصل ڪندس. ❖ الله نہ ڪري جيڪڏهن ميت جو منهن ڪارو ٿي ويو يا ڪو بيو عيب نظر آيو تہ شريعت جي حڪم مطابق ان کي لڪائيندس ۽ مددگارن کي بہ لڪائڻ جي ترغيب ڏيندس. ❖ سٺي علامت ظاهر ٿي مثلاً خوشبو اچڻ، منهن تي مسڪراهٽ ظاهر ٿيڻ وغيره تہ ٻين کي بہ ٻڌائيندس.

## ميت کي غسل ڏيڻ جو طريقو

اگربتيون يا لوبان (هڪ قسم جي خوشبو) ٻاري ٽي، پنج يا ست ڀيرا غسل جي تختي کي ڌوٽي ڏيو يعني ايترا ڀيرا تختي جي چوڌاري ڦيرايو، تختي تي ميّت کي اهڙي طرح ليٽايو جيئن قبر ۾ ليٽائيندا آهن، دُن ڪان وٺي گوڏن سميت ڪپڙي سان ڍڪي ڇڏيو. (اڄڪلھ غسل جي دوران اڇو ڪپڙو وجهندا آهن ۽ ان تي پاڻي لڳڻ سان ميت جي اوگهڙ ظاهر ٿيندي آهي تنهنڪري ناسي يا گهاٽي رنگ جو ايترو ٿلهو ڪپڙو هجي جو پاڻي پوڻ سان اوگهڙ ظاهر نہ ٿئي، ڪپڙي کي ٻيڻو ڪري وجهو تہ اجا بهتر) پردي جي پوري احتياط ۽ نرميءَ سان ميت جو لباس لاهيو. هاٿي وهنجارڻ وارو پنهنجي هٿ تي ڪپڙو ويڙهي پهريان ٻنهي طرفن ڪان طهارت ڪرائي (يعني پاڻي سان ڌوئي) پوءِ نماز وانگر وضو ڪرايو يعني ٽي ڀيرا منهن پوءِ نوڻين سميت ٻئي ٻانهون ٽي ٽي ڀيرا ڌوئاريو، پوءِ مٿي جو مسح ڪرايو، پوءِ ٽي ڀيرا ٻئي پير ڌوئاريو. ميّت جي وضو

۾ پهريان ڪرائين تائين هٿ ڌوئڻ، ڳرڙي ڪرڻ ۽ نڪ ۾ پاڻي وجهڻ نہ آهي، البت ڪپڙي يا ڪپهہ کي پسائي ڪري ڏندن، ڏندن جي مهارن، چپن ۽ ناسن تي ڦيرائي ڇڏيو، پوءِ مٿي يا ڏاڙهي جا وار هجن تہ ڌوئو، صابڻ يا شيمپو استعمال ڪري سگهو ٿا. هاڻي کابي پاسي ليٽائي ٻير جي پنن ۾ جوش ڏنل پاڻي (جيڪو معمولي گرم هجي) ۽ اهو نہ هجي تہ خالص پاڻي جيڪو ٿورو گرم هجي مٿي کان پيرن تائين وهايو جو تختي تائين پهچي وڃي، پوءِ ساڄي پاسي ليٽائي اهڙي ئي طرح پاڻي وهايو، پوءِ ٽيڪ لڳائي ويهاريو ۽ نرمي سان پيٽ جي هيٺين حصي تي هٿ ڦيريو ۽ ڪجهہ نڪري تہ ڌوئي ڇڏيو، ٻيهر وضو ۽ غسل جي ضرورت ناهي پوءِ آخر ۾ مٿي کان پيرن تائين ڪافور جو پاڻي وهايو، پوءِ ڪنهن پاڪ ڪپڙي سان آهستي آهستي جسم کي اگهو، هڪ ڀيرو سڄي جسم تي پاڻي وهائڻ فرض آهي ۽ ٽي ڀيرا سنّت آهي . غسل ميّت ۾ گهڻو پاڻي نہ وهايو آخرت ۾ هڪ هڪ ڦڙي جو حساب آهي، اهو ياد رکو.

(مدنی وصيت نامہ، ص۔ 12)

## اسلامي ڀيڻ جي غسلِ ميّت جو طريقو

غسل ۽ ڪفن جي لاءِ هنن شين جو انتظام ڪري وٺو.

❖ غسل جو تختو. ❖ اگربتي ❖ ماچس ❖ 2 ٿلهيون چادرون (ناسي هجن تہ بهتر آهي) ❖ ڪپهہ ❖ وڏي رومال وانگر ڪپڙي جا ٻہ پيس(استنجاء وغيره جي لاءِ) ❖ ٻہ بالٽيون ❖ ٻہ ڪُپا ❖ صابڻ ❖ ٻير جي وڻ جا پن ❖ ٻہ ٽوال ❖ ڪفن جو اڻ سبيل ويڪرو ڪپڙو ❖ قينچي ❖ سوئي ڌاڳو ❖ ڪافور❖خوشبو

اگر بتيون يا لوبان (هڪ قسم جي خوشبو) ٻاري ٽي، پنج يا ست ڀيرا غسل جي تختي کي ڌوٽي ڏيو يعني ايترا ڀيرا تختي جي چوڌاري ڦيرايو، تختي تي ميّت کي اهڙي طرح ليٽايو جيئن قبر ۾ ليٽائيندا آهن، ڌُن کان وٺي گوڏن سميت ڪپڙي سان جسم کي ڍڪي ڇڏيو (اڄڪلهه غسل جي دوران اڇو ڪپڙو وجهندا آهن پاڻي لڳڻ سان ميت جي اوگهڙ ٿيندي آهي تنهنڪري ناسي يا گهاٽي رنگ جو ايترو ٿلهو ڪپڙو هجي جو پاڻي پوڻ سان اوگهڙ ظاهر نه ٿئي، ڪپڙي کي ٻيٽو ڪري وجهو ته وڌيڪ بهتر آهي) پردي جي پوري احتياط ۽ نرمي سان ميّت جا ڪپڙا لاهيو، اهڙي طرح ڪُوڪو، وَالا يا ڪو ٻيو زيور به نرمي سان لاهيو، هاڻي وهنجارڻ وارو پنهنجي هٿ تي ڪپڙو ويڙهي پهريان ٻنهي طرفن کان طهارت ڪرائي (يعني پاڻي سان ڌوئي) پوءِ نماز وانگر وضو ڪرائي يعني ٽي ڀيرا منهن پوءِ نونين سميت ٻئي ٻانهون ٽي ٽي ڀيرا ڌوئاريو پوءِ مٿي جو مسح ڪرايو، پوءِ ٽي ڀيرا ٻئي پير ڌوئاريو۔ ميّت جي وضو ۾ پهريان ڪَرائين تائين هٿ ڌوئڻ، ڪرڙي ڪرڻ ۽ نڪ ۾ پاڻي وجهڻ نه آهي، البت ڪپڙي يا ڪپهه کي پسائي ڪري ڏندن، مهارن، چپن ۽ ناسن تي ڦيرائي ڇڏيو، پوءِ مٿو ڌوئو، صابڻ يا شيمپو يا ٻئي استعمال ڪري سگهجن ٿا (پر ان جي گهٽي استعمال سان وارن ۾ موجهارو پيدا ٿي ويندو آهي تنهنڪري ٻير جي پنن جو جوش ڏنل پاڻي ڪافي آهي) هاڻي کاٻي پاسي ليٽائي ٻير جي پنن ۾ جوش ڏنل پاڻي (جيڪو معمولي گرم هجي) ۽ اهو نه هجي ته خالص پاڻي جيڪو ٿورو گرم هجي مٿي کان پيرن تائين وهايو جو تختي تائين پهچي وڃي، پوءِ ساڄي پاسي ليٽائي ڪري اهڙي ئي طرح پاڻي وهايو، پوءِ ٽيڪ لڳائي ويهاريو ۽ نرمي سان پيٽ جي هيٺين حصي تي هٿ ڦيريو ۽ ڪجهه نڪري ته ڌوئي ڇڏيو، ٻيهر وضو ۽ غسل جي ضرورت ناهي پوءِ آخر ۾ مٿي کان پيرن تائين ڪافور جو پاڻي

وهايو، پوءِ ڪنهن پاڪ ڪپڙي سان آهستي آهستي جسم اگهو، غسل ميّت ۾ گهڻو پاڻي نه وهايو آخرت ۾ هڪ هڪ ڦڙي جو حساب آهي، اهو ياد رکو. (مدنی وصيت نامه، ص۔ 12)

## غسل ميّت جا مدني گل

❖ ميّت جي غسل ۽ ڪفن ۽ دفن ۾ جلدي ڪجي جو حديث پاڪ ۾ ان جي تمام گهڻي تاڪيد آئي آهي. (جوهرة نيرة، ص. 131) مفسر شهير حڪيم الامّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: جيترو ٿي سگهي دفنائڻ ۾ جلدي ڪئي وڃي، بغير ضرورت دير ڪرڻ سخت ناجائز آهي جو ان ۾ ميّت جي ڦوڪجڻ ۽ ڦاٽڻ ۽ ان جي بي حرمتي جو انديشو آهي. (مرأة المناجيح، ج. 2، ص. 447)

❖ هڪ ڀيرو سڄي جسم تي پاڻي وهائڻ فرض آهي ۽ ٽي ڀيرا سنّت جتي غسل ڏيو مستحب هي آهي ته اهڙي نموني پردو ڪري ونو جو وهنجارڻ ۽ مددگارن کان علاوه ٻيو ڪو نه ڏسي، وهنجارڻ وقت پلي اهڙي طرح سمهاريو جيئن قبر ۾ رکندا آهن يا قبلي جي طرف پير ڪري يا جيئن آسان ٿئي ڪيو. (عالمگيري، ج. 1، ص. 158)

## وهنجارڻ واري جي لاءِ مدني گل

❖ وهنجارڻ وارو باطهارت هجي، جيڪڏهن جُنبي شخص (جنهن تي غسل فرض ٿي چڪو هجي) غسل ڏنو ته مڪروه آهي پر غسل ٿي ويندو. (فتاويٰ هنديه، ج. 1، ص. 159)

❖ جيڪڏهن بي وضو شخص وهنجاريو ته ڪو حرج ناهي. (فتاويٰ هنديه، ج. 1، ص. 159)

❖ بهتر هي آهي ته وهنجارڻ وارو ميّت جو سڀ کان ويجهو رشتيدار هجي، جيڪڏهن اهو نه هجي يا وهنجارڻ نه ڄاڻيندو هجي ته ڪو ٻيو شخص جيڪو امانت دار ۽ پرهيزگار هجي اهو غسل ڏي.

(فتاويٰ هنديه، ج. 1، ص. 159)

❖ وهنجارڻ واري جي پرسان خوشبو ٻارڻ مستحب آهي جو جيڪڏهن ميّت جي جسم مان بدبُو اچي ته ان کي خبر نه پوي نه ته گهٻرائيندو، پڻ ان کي گهرجي ته ضرورت مطابق ميّت جي عضون جي طرف نظر ڪري بغير ضرورت جي ڪنهن عضو جي طرف نه ڏسي جو ممڪن آهي ان جي جسم ۾ ڪو عيب هجي جنهن کي هُو زندگيءَ ۾ لڪائيندو هو. (جوهرة نيرة، ص. 131)

❖ مرد کي مرد وهنجاري ۽ عورت کي عورت، ميّت ننڍو ٻار آهي ته ان کي عورت به وهنجاري سگهي ٿي ۽ ننڍي ڇوڪري کي مرد به، ننڍي مان هي مراد آهي ته شهوت جي حد تائين نه پهتا هجن.

(عالمگيري، ج. 1، ص. 160)

❖ غسلِ ميّت کان پوءِ غسل ڏيڻ واري کي غسل ڪرڻ مستحب آهي. (دار الافتاء اهلسنت)

## ڪفن پارائڻ جي فضيلت

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ميّت کي ڪفن پارائڻ ثواب جو ڪم آهي ۽ ڪيترين ئي حديثن ۾ ڪفن پارائڻ واري جي لاءِ جنّتي جبن ۽ پاڪيزه ريشمي لباسن جي بشارت ڏني وئي آهي. هڪ حديث مبارڪ ملاحظ فرمايو:

## جنّتي لباس

حضرت سيّدنا اَبُواُمامه رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي تہ حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جنهن ڪنهن ميّت کي ڪفن پارايو تہ الله پاڪ ان کي سُندُس جو لباس (جنّت جو پاڪيزه ريشمي لباس) پارائيندو. (معجم كبير للطبراني، ج. 8، ص. 281، حديث 8078)

## ٻارن کي ڪهڙو ڪفن ڏنو وڃي

جيڪو نابالغ شهوت جي حد کي پهچي ويو اهو بالغ جي حڪم ۾ آهي يعني بالغ کي ڪفن ۾ جيترا ڪپڙا ڏنا ويندا آهن ان کي بہ ڏنا وڃن ۽ ان کان ننڍي ڇوڪري کي هڪ ڪپڙو (اِزار) ۽ ننڍيءَ ڇوڪِريءَ کي بہ ڪپڙا (لفافو ۽ اِزار) ڏئي سگهو ٿا ۽ ڇوڪري کي بہ ٻہ ڪپڙا (لفافو ۽ اِزار) ڏنا وڃن تہ بهتر آهي ۽ بهتر اهو آهي تہ ٻنهي کي پورو ڪفن ڏيو توڙي جو هڪ ڏينهن جو ٻار هجي. (رد المحتار، ج. 3، ص. 117)

## ڪفن جو تفصيل

﴿1﴾ **لفافو:** يعني چادر ميّت جي قد کان ايتري وڏي هجي جو ٻنهي طرفن کان ٻڌي سگهجي.

﴿2﴾ **ازار:** (يعني گوڏ) ننڍي مٿي کان پيرن تائين يعني چادر کان ايتري ننڍي جيڪا ٻڌڻ جي لاءِ وڌيڪ هئي.

﴿3﴾ **قميص:** (يعني ڪفني) ڪنڌ کان گوڏن جي هيٺان تائين ۽ هي اڳتي ۽ پوئتي ٻنهي پاسن کان برابر هجي ان ۾ چاڪ (چير) ۽ ٻانهون نہ هجن، مردن جي ڪفني ڪلهن تي چيريو ۽ عورت جي لاءِ سيني جي طرف کان.

﴿4﴾ **چاتي بند:** رکڻ وارو ڪپڙو چاتي کان ڏُن تائين ۽ بهتر هي آهي تہ ران تائين هجي.

﴿5﴾ **پوتي:** ٽي هٿ هجڻ گهرجي يعني ڏيڊ گز. (مدنی وصیت نامہ، ص۔ ۱۱ و بہار شریعت، حصہ۔ ۴، ج۔ ۱، ص۔ ۸۱۸)

عام طور تيار ڪفن خريد ڪيو ويندو آهي ان جو ميّت جي قد جي مطابق سنّت سائيز جو هجڻ ضروري ناهي، هي بہ ٿي سگهي ٿو تہ ايترو وڌو هجي جو اسراف ۾ داخل ٿي وڃي، ان ڪري احتياط انهيءَ ۾ آهي تہ ٿان مان ضرورت جي مطابق ڪپڙو ڪٽيو وڃي.

## ڪفن پارائڻ جون نيتون

❖ الله پاڪ جي رضا حاصل ڪرڻ ۽ آخرت جو ثواب ڪمائڻ جي لاءِ ميّت کي ڪفن پارائيندس ❖ فرضِ ڪفايہ ادا ڪندس ❖ ضرورتًا ڪفن پارائڻ کان پهريان مدد ڪرائڻ وارن کي ڪفن پارائڻ جو طريقو ۽ سنّتون ٻڌائيندس ❖ غسل جي تختي کان ڪفن تي رکندي انتهائي احتياط ۽ نرمي اختيار ڪندس ۽ ان وقت اوگهڙ کي لڪائڻ جو خاص خيال رکندس ❖ ميّت جي نِرڙ تي شهادت جي آڱر سان بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم لکندس. ❖ اهڙي طرح سيني تي لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوۡلُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم لکندس ❖ عِطر يا خوشبو لڳائيندس ❖ مديني جو پاڻي ۽ زم زم جو پاڻي موجود هجڻ جي صورت ۾ ڪفن تي ڇڙڪيندس ❖ قبر ۾ قبلي جي طرف ڪڏڻو ناهي ڪري شجره شريف، عهدنامو وغيره ان ۾ رکندس.

## مرد کي ڪفن پارائڻ جو طريقو

ڪفن کي هڪ يا ٽي يا پنج يا ست ڀيرا ڌوڻي ڏيو پوءِ ڪفن ائين وڇايو جو پهريان لفافو يعني وڏي چادر ان تي گوڏ ۽ ان جي مٿان ڪفن رکو، هاڻي ميّت کي ان تي ليٽايو ۽ ڪفن پارايو پوءِ ڏاڙهي تي (ڏاڙهي نہ هجي تہ ڪاڏي تي) ۽ سڄي جسم تي خوشبو لڳايو، اهي عضوا جن تي سجدو ڪيو ويندو آهي يعني پيشاني، هٿن، گوڏن ۽ پيرن تي ڪافور لڳايو. پوءِ گوڏ کاٻي پاسي کان پوءِ ساڄِي پاسي کان ويڙهيو، هاڻي آخر ۾ لفافو بہ اهڙي طرح پهريان کاٻي پاسي کان پوءِ ساڄي پاسي کان ويڙهيو تہ جيئن ساڄو مٿان رهي، پوءِ مٿي ۽ پيرن جي طرف کان ٻڌي ڇڏيو. (مدنی وصیت نامہ، ص ۱۳)

## عورت کي ڪفن پارائڻ جو طريقو

ڪفن کي ٽي يا پنج يا ست ڀيرا ڌوڻي ڏيو. پوءِ هِن ريت وڇايو جو پهريان لفافو (يعني وڏي چادر) اُن تي گوڏ ۽ اُن جي مٿان ڪفني رکو. هاڻي ميّت کي ان تي ليٽايو ۽ ڪفني پارايو هاڻي ان جي وارن جا ٻہ حصا ڪري ڪفني جي مٿان ڇاتيءَ تي رکي ڇڏيو. ۽ پوتيءَ کي اڌ پٺيءَ جي هيٺان وڇائي مٿي تي آڻي منهن تي نقاب وانگر وجهي ڇڏيو جيئن ڇاتي تي رهي، ان جي ڊيگهہ اڌ پٺيءَ جي هيٺان تائين هجي، ۽ ويڪر هڪ ڪن جي پاپڙيءَ کان ٻي ڪن جي پاپڙي تائين هجي، ڪجهہ ماڻهو پوتي ائين ڏيکاريندا آهن جيئن عورتون زندگي ۾ مٿي تي رکنديون آهن هي سنّت جي خلاف آهي، هاڻي تمام جسم تي خوشبو مليو اهي عضوا جن تي سجدو ڪيو ويندو آهي يعني پيشاني، نڪ، هٿ ۽ گوڏن تي ڪافور لڳايو،(ستر جي مقام کي نہ

ئي ڏسي سگھون ٿا ۽ نہ وري بغير رڪاوٽ هٿ لڳائي سگھون ٿا) پوءِ گوڏ کابي پاسي کان پوءِ ساڄي پاسي کان ويڙهيو ۽ آخر ۾ لفافو يعني وڏي چادر پهريان کابي پاسي کان پوءِ ساڄي پاسي ويڙهيو تہ جيئن ساڄو مٿان رهي، مٿي ۽ پيراندي کان ٻڌي ڇڏيو، پوءِ آخر ۾ ڇاتي بند ڪرڻ وارو ڪپڙو ڇاتيءَ جي مٿين حصي کان ران تائين ڪنهن ڏوري سان ٻڌي ڇڏيو (اڄڪلھ عورتن جي ڪفن ۾ چادر ئي آخر ۾ رکي ويندي آهي جيڪڏهن ڪفن ڪانپوءِ ڇاتي بند رکڻ وارو ڪپڙو رکيو وڃي تہ بہ ڪو حرج ناهي پر افضل هي آهي تہ ڇاتي بند رکڻ وارو ڪپڙو سيني کان آخر ۾ رکيو وڃي). (مدنی وصيت نامہ، ص ۱۳)

## ڪفن ڪھڙو هئڻ گھرجي

❖ ڪفن سنو هئڻ گھرجي يعني مرد جمعي ۽ عيدن ۾ جهڙا ڪپڙا پائيندو هئو ۽ عورت جهڙا ڪپڙا پائي مائٽن ۾ ويندي هئي ان قيمت جو هئڻ گھرجي. حديث ۾ آهي، مُردن کي سنو ڪفن ڏيو جو اهي پاڻ ۾ ملاقات ڪندا ۽ سني ڪفن سان فخر ڪندا يعني خوش ٿيندا آهن.

(رد المحتار، ج. 3، ص. 112)

❖ اڃو ڪفن بهتر آهي جو نبي اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: پنهنجا مردا اڇن ڪپڙن ۾ ڪفنايو. (ترمذي، ج. 2، ص. 301، حديث 996)

❖ پراڻي ڪپڙي جو بہ ڪفن ٿي سگھي ٿو، پر پراڻو هجي تہ ڌوتل هجي جو ڪفن سٿرو هجڻ پسنديده آهي. (جوهرة نيرة، ص. 135)

❖ ڪفن جيڪڏهن آبِ زم زم يا آبِ مدينہ بلڪ ٻنهي سان پِگل هجي تہ سعادت آهي. (مدنی وصيت نامہ، ص۔ 4)

## مختلف مدني گل

❖ ميّت جا ٻئي هٿ پاسن ۾ رکو سيني تي نہ رکو جو اهو ڪافرن جو طريقو آهي. (در المختار معه رد المحتار، ج. 3، ص. 105) ڪجهہ جڳهين تي ڌُنّ جي هيٺان ائين رکندا آهن جيئن نماز جي قيام ۾، ائين بہ نہ ڪيو. (بهار شريعت، حصو، 4، ج. 1، ص. 816)

❖ ميّت جيڪڏهن ڪجهہ مال ڇڏيو هجي تہ ڪفن انهيءَ جي مال مان هئڻ گهرجي. (رد المحتار، ج. 3، ص. 114)

❖ ڪنهن وصيت ڪئي تہ اُن کي ڪفن ۾ بہ ڪپڙا ڏنا وڃن تہ اها وصيت پوري نہ ڪئي وڃي، ٽي ڪپڙا ڏنا وڃن ۽ جيڪڏهن هيءَ وصيت ڪئي تہ 1000 روپين جو ڪفن ڏنو وڃي تہ اها بہ پوري نہ ڪئي ويندي، درمياني درجي جو ڪفن ڏنو وڃي. (رد المحتار، ج. 3، ص. 112)

❖ عالمن ۽ مشائخن کي عامي سان دفن ڪري سگهجي ٿو، عام ماڻهن جي ميّت کي عامي سان دفنائڻ منع آهي.
(در المختار معه رد المحتار، ج. 3، ص. 112)

❖ غسل ڏيارڻ کانپوءِ ڪفن ۾ چهرو لڪائڻ کان اڳ، پهريان پيشاني تي شهادت واري آڱر سان بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡم لکو. (مدنی وصیت نامہ، ص۔ 4)

❖ اهڙي طرح سيني تي لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوۡلُ اللّٰهِ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم. (مدنی وصیت نامہ، ص۔ 5)

❖ دل واري جڳهہ تي يارسولَ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (مدنی وصیت نامہ، ص۔ 5)

❖ ڌُن ۽ سيني جي وچ واري ڪفن جي حصي تي يا غوث اعظم دستگير رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡهُ، يا امام ابو حنيفہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡهُ، يا امام احمد رضا خان

رضی اللہ عنہ يا شيخ ضياء الدين رضی اللہ عنہ شهادت واري آڱر سان لکو. (مدنی وصيت نامہ، ص۔ 5)

پنهنجي پير صاحب جو نالو بہ لکي سگهو ٿا جيئن يا عطار.

❖ پڻ ڌُن جي مٿان کان ونني مٿي تائين ڪفن جي سڄي حصي تي (پنيءَ کان علاوه) "مدينہ مدينہ" لکيو وڃي، ياد رکو! اهي سڀ مس سان نہ فقط شهادت واري آڱر سان لکڻو آهي ۽ کو سيّد سڳورو يا عالم دين لکي تہ سعادت آهي .

❖ پنهي اکين تي مديني شريف جي ڪتل جون ڪڪڙيون رکيون وڃن. (مدنی وصيت نامہ، ص۔ 5)

❖ جيڪڏهن ڪنهن اسلامي ڀيڻ جا مخصوص ڏينهن هجن يا حامل هجي تہ اها ميّت کي ڏسي سگهي ٿي ان ۾ ڪو حرج ناهي. (دارالافتا اهلِسنت)

❖ ڪفن جي ڪپڙي کي سلائي مشين يا هٿ سان سبي سگهو ٿا.

(دارالافتا اهلِسنت)

## تجهيز و تڪفين جي متعلق سوال جواب

**(از دارالافتاء اهلسنت)**

سوال: جيڪڏهن مّيت جي جسم ۾ ڪنهن حادثي جي ڪري سوراخ هجي تہ ان تي ٽاڪا لڳرائڻ ڪيئن؟

جواب: فوتگي کان پوءِ ٽاڪا لڳرائڻ جي اجازت ناهي جو ان ۾ ميّت کي بلاوجہ تڪليف پهچائڻ آهي، ها سوراخن جي مٿان ڪپهہ(روئي) رکي وڃي جهڙي طرح ڪن ۽ نڪ وغيره سوراخن ۾ رکڻ جو حڪم آهي.

سوال: جيڪڏهن اسپتال مان ميّت ان حال ۾ آئي جو پٽيون ٻڌل هجن ته پٽيون کولي ڪري پاڻي وهائڻو پوندو؟

جواب: ڪجهه پٽيون جسم سان ائين چمبڙيل هونديون آهن جو ان کي لاهڻ سان جسم يا وار ڇڪجڻ سان ميّت کي تڪليف ٿيندي، ان ڪري اهڙي پٽي جيڪڏهن هلڪو گرم پاڻي وجهي آساني سان لاهڻ ممڪن هجي ته لاهيو نه ته ڇڏي ڏيو ۽ ڪجهه پٽيون جسم تي چمبڙيل ناهن هونديون. اهڙيون پٽيون ميّت کي تڪليف پهچائڻ کان بغير لاهيون وڃن.

سوال: پوسٽ مارٽم واري ميّت جي سيني کان دُنَّ تائين سِلائي تي پلاسٽڪ شيٽ لڳل هوندي آهي ان کي هٽائڻ لازمي آهي؟

جواب: هيءَ پلاسٽڪ شيٽ عام طور تي جسم سان چمبڙيل هوندي آهي جنهن کي لاهڻ ميّت جي لاءِ باعث تڪليف آهي ان ڪري اهڙي شيٽ ﺑﻪ جيڪڏهن هلڪي گرم پاڻي وجهڻ سان آساني سان لهي سگهي ته لاهيو نه ته رهڻ ڏيو.

سوال: ميّت جو جيڪڏهن رت وهي رهيو آهي ته وڏيڪ پٽيون ڪري سگهون ٿا يا پلاسٽڪ پيڪنگ جي اجازت آهي؟

جواب: پلاسٽڪ پيڪنگ جي بجاءِ پٽيون ڪيون وڃن.

سوال: ميّت کي استنجاء ڪرائڻ جي لاءِ پلاسٽڪ وغيره جا هٿ استعمال ڪري سگهون ٿا؟

جواب: ڪري سگهو ٿا.

سوال: جيڪڏهن غسل کان پوءِ به ميّت جو منهن کليل رهندو هجي ته ڇا مٿي کان نوڙي تائين پٽي ٻڌي سگهون ٿا؟

جواب: ٻڌي سگهو ٿا.

سوال: جيڪڏهن سڙڻ يا ٻڏڻ وغيره سان ميّت جو جسم ايترو ڳري چڪو هجي جو هٿ لڳائڻ سان کلَ لهڻ يا گوشت جدا ٿيڻ جو يقين هجي ته ڇا ان صورت ۾ به ان کي غسل ڏنو ويندو؟

جواب: جيڪڏهن ميّت جو جسم ڳري چڪو هجي جو هٿ لڳائڻ سان کل لهندي يا گوشت جدا ٿيندو تڏهن به غسل ڏينداسين ۽ غسل ڏيڻ جو طريقو اهو آهي ته ان جي جسم تي هٿ لائڻ کان بغير پاڻي وهايو وڃي.

سوال: شوگر جي مريض جي زخم تي جيت جيڪي اندر تائين وڃي رهيا هوندا آهن ڇا انهن کي صاف ڪرڻ ضروري آهي؟
جواب: ميّت کي تڪليف پهچائڻ کان بچندي جيترو ممڪن هجي صاف ڪيو وڃي.

سول: جيڪڏهن جنازو دير سان ٿيندو هجي ته غسل ڪڏهن ڏنو وڃي انتقال جي فوراً بعد يا نماز جنازه کان ڪجهه دير پهريان؟

جواب: انتقال جي فوراً بعد
سوال: قبر جي پٿن تي آگر جي اشاري سان لکڻ ڪيئن آهي؟

جواب: لکي سگهون ٿا.

سوال: اگر تدفين جي دوران اذان مغرب ٿي وڃي يا ٻين نمازن جي جماعت جو وقت ٿي وڃي تہ تدفين ڪئي وڃي يا جماعت سان نماز پڙهي وڃي؟

جواب: جيترن ماڻهن جي تدفين ۾ حاجت آهي اوترا بيهي ڪري تدفين ڪن ۽ ٻيا جماعت سان نماز ادا ڪن.

سوال: ميّت جي پيرن تي گهڻي ميل ڪچيل هجي تي صاف ڪرڻ ضروري آهي يا پاڻي وهائڻ ڪافي آهي؟

جواب: غسل جو فرض ادا ٿيڻ جي لاءِ پاڻي وهائڻ ڪافي آهي البت ميل ڪچيل لاهڻ جي لاءِ صابڻ جو استعمال ڪرڻ جائز آهي.

سوال: مسجد مان جنازي جو اعلان ڪرڻ ڪيئن آهي؟
جواب: جائز آهي.

سوال: اسان وٽ جيڪڏهن ڪو فوت ٿي ويندو آهي تہ نمازي جنازه کان پوءِ حيلو ڪيو ويندو آهي. جنهن جو طريقو هي آهي تہ امام صاحب نماز جنازه کان پوءِ مقتدين سان گڏ دائرو ٺاهي ڪري بيهندا آهن ۽ قرآن ڪريم ڪٺي ان جي هيٺان ڪجهہ پيسا رکي ڪري هڪ ٻي جي ملڪ ڪندا آهن ۽ جڏهن امام صاحب وٽ ٻيهر پهچندا آهن تہ امام صاحب دعا ڪندا آهن هڪ ٻي کي ملڪ ڪرڻ جو عمل ڪجهہ پيرا ڪندا آهن ۽ هر ڀيري امام صاحب دعا ڪندا آهن. ڇا هي حيلو ڪرڻ درست آهي يا نہ؟ ۽ هن طرح جي حيلي جي ڪري ميّت کي

ڪجهه فائدو به ٿيندو يا نه؟ جڏهن ته ميّت جي نمازن ۽ روزن جو ڪو حساب ناهي ڪيو ويندو. وضاحت فرمايو..

جواب: ”حيله اسقاط“ جو هي طريقو مڪمل درست ناهي. پر ان ۾ جيڪا رقم فقيرن کي ڏني ٿي وڃي ان جي مطابق ميّت جي روزن ۽ نمازن جو فديو ٿي ويندو. ”حيله اسقاط“ جو درست طريقو هي آهي ته ميّت جي سڄي زندگي جي فوت شده نمازن ۽ روزن جو حساب ڪيو وڃي پوءِ جيڪڏهن ميّت وصيت ڪئي آهي ته ان جي پوري مال جي ٽين حصي مان ۽ جيڪڏهن وصيت نه ڪئي آهي ته پنهنجي طرفان ڪجهه مال ڏئي ڪري يا قرض ڪٺي ڪري فديو ڏنو وڃي ۽ جيڪڏهن مال گهٽ هجي ۽ فديو وڏيڪ هجي ته ڏي وٺ جو طريقو اختيار ڪيو وڃي اهو به جائز آهي. فقهاء ڪرام ان جي جواز جي تصريح فرمائي آهي پر ها ان ۾ هن ڳالهه جو خيال رکيو وڃي ته دائري ۾ ويٺل ماڻهو شرعي فقير ئي هجن ڪو به غني نه هجي. جيڪڏهن ڪو غني ويٺل هوندو ته ان وٽ پهچڻ واري رقم جي مقدار ۾ فديو ادا نه ٿيندو. هر شرعي فقير ان رقم تي قبضو ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي طرفان ميّت جي نماز روزن جي فديي جي نيّت سان ٻين کي ڏيندو وڃي. ايئن ڦيريندا رهن ايتري قدر جو ميت جي تمام فوت شده نمازن ۽ روزن جو فديو ٿي وڃي. رقم سان گڏ جيڪڏهن قرآن پاڪ به آهي ته قرآن پاڪ جي بدلي ۾ صرف اوترو ئي فديو ادا ٿيندو جيتري قرآن پاڪ جي قيمت آهي اهو سمجهڻ ته قرآن پاڪ سان سڄو فديو ادا ٿي ويندو، هن جي ڪا اصل ناهي. (فديي جي متعلق تفصيل جي لاءِ 199صفحي جو مطالعو ڪريو)

سوال: بم وغيره ڦاٽڻ جي ڪري ڪڏهن لاشون ڦهيلجي وينديون آهن ۽ انهن جي جسم جا ٽڪڙا ٿي ويندا آهن انهن جي باري ۾ ڪهڙو حڪم آهي؟

جواب: ڪنهن مسلمان جو اڌ کان وڌيڪ ڌڙ مليو ته غسل ۽ ڪفن ڏينداسين ۽ جنازي جي نماز پڙهنداسين ۽ نماز کان پوءِ اهو باقي حصو به مليو ته ان تي ٻيهر نماز نه پڙهنداسين ۽ اڌ ڌڙ مليو ته جيڪڏهن ان ۾ مٿو به آهي تڏهن به اهو ئي حڪم آهي ۽ جيڪڏهن مٿو نه هجي يا لمبائي ۾ مٿي کان پيرن تائين ساڄي يا کاٻي مان فقط هڪ پاسي جو حصو مليو ته ان ٻني صورتن ۾ نه غسل آهي نه ڪفن ۽ نه نماز بلڪ هڪ ڪپڙي ۾ ويڙهي دفن ڪري ڇڏيو. (در المختار معه رد المحتار، ج. 3، ص. 107)

سوال: ميّت کي بلڪل اگهاڙو ڪري غسل ڏيڻ جائز آهي يا نه؟

جواب: ناجائز آهي ڇو جو مسلمان جي تعظيم زنده ۽ مڙده ٻنهي حالتن ۾ برابر آهي.

سوال: ميّت جا مائٽ ٻين ملڪن ۾ هجن ته ڇا انهن جي انتظار ۾ دفن ڪرڻ ۾ دير ڪري سگهجي ٿي؟

جواب: حديث ۾ آهي ته جڏهن توهان مان ڪو مري وڃي ته ان کي روڪي نه رکو ۽ ان کي قبر ڏانهن جلدي وٺي وڃو. (مشكاة، ج. 2، ص. 325، حديث 1717)

جن مائٽن جي اچڻ ۾ تمام گهڻو وقت لڳي ته اتي انهن جي انتظار ۾ ميّت کي دفن ڪرڻ ۾ دير جي هرگز اجازت ناهي.

سوال: قبر کي پڪو ڪرڻ ڪيئن آهي؟

جواب: قبر مٿان ڪان پڪي ڪرڻ جائز آهي پر بهتر هي آهي ته مٿان به پڪي نه ڪئي وڃي جڏهن ته اندران پڪي ڪرڻ بغير ضرورت جي ممنوع ۽ مڪروه آهي. ياد رهي حقيقت ۾ قبر زمين جو اهو حصو آهي جنهن سان ميّت مليل هوندي آهي ته ان جي آس پاس ڪو پاسو پڪو ڪرڻ بغير ضرورت جي ممنوع ۽ مڪروه آهي البت ضرورت جي صورت ۾ اندر جو حصو به پڪو ڪرڻ جي اجازت آهي.

سوال: ڪجهه علائقا اهڙا آهن جو جڏهن اتي قبر کوٽي ويندي آهي ته پاڻي جي سطح مٿي هجڻ جي ڪري ٿورو گهٽو پاڻي اچي ويندو آهي، ايترو پاڻي هوندو آهي جو ميّت جي پٺي آلي ٿي سگهي ٿي. ڇا انهن علائقن ۾ زمين جي مٿان ئي چارديواري ناهي ڪري ميّت کي دفن ڪري سگهون ٿا؟

جواب: ميّت کي زمين تي رکي ڪري ان جي آس پاس ۾ چارديواري ناهڻ شرعاً جائز ناهي. جيترو ٿي سگهي ميّت کي زمين جي اندر دفن ڪرڻ فرض ڪفايه آهي. ان ڪري باقاعدي زمين کوٽي وڃي ۽ ميّت کي ڪاٺي يا لوهه وغيره جي تابوت ۾ بند ڪري اندر رکيو وڃي.

سوال: عام قبرن تي نالي واري تختي لڳائڻ جو ڇا حڪم آهي؟

جواب: قبر جي سڃاڻپ لاءِ نالي جي تختي لڳائڻ جائز آهي پر انهن تي قرآن پاڪ جون آيتون ۽ اسماءِ مبارڪ نه لکيا وڃن جو عام طور تي قبرستانن ۾ انهن جي بي ادبي ٿيندي آهي.

سوال: اسان جي علائقي ۾ هي رواج آهي ته جڏهن ڪو فوت ٿي وڃي ته دفن ڪرڻ کان پوءِ ڪجھ ڏينهن تائين گل رکيا ويندا آهن اهڙي طرح شب براءت ۽ عيد جي موقعي تي به قبرن تي گل ۽ ان جون پتيون رکيون وينديون آهن ڇا قبر تي گل رکڻ جائز آهي ۽ ان جو ڪو فائدو آهي يا نه؟

جواب: قبر تي گل رکڻ جائز ۽ مستحب آهي جيستائين گل تازه رهندا آهن ميّت کي راحت ملندي آهي، اها ڳالھ حديث پاڪ مان ثابت آهي.

حضرت ابن عباس رَضِیَ اللہُ عَنْہُما فرمائن ٿا: نبي پاڪ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مکي يا مديني جي باغن مان ڪنهن باغ مان گذريا ته ٻن ماڻهن جي آواز ٻڌي ته انهن تي قبر ۾ عذاب ٿي رهيو آهي نبي پاڪ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو ته انهن ٻنهي تي عذاب ٿي رهيو آهي ۽ ڪنهن وڏي ڳالھ تي عذاب ناهي ٿي رهيو جنهن کان بچڻ مشڪل هجي پوءِ فرمايائون انهن مان هڪ ماڻهو پنهنجي پيشاب کان نه بچندو هئو ۽ ٻيو چغلي ڪندو هئو پوءِ ڪجيءَ جي هڪ آلي شاخ گهرائي ان جا ٻه ٽڪرا ڪيا ۽ هر قبر تي هڪ هڪ ٽڪڙو رکيو صحابه ڪرام عرض ڪيو. يا رسول اللّٰه صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! ايئن ڇو ڪيو؟ فرمايائون ان ڪري جو جيستائين هي ٻئي شاخون سڪي نه وڃن انهن ٻنهي جي عذاب ۾ گهٽتائي ٿيندي رهندي. (بخاري، ج. 1، ص. 95، حديث 216)

مرقاة ۾ آهي ته ماڻهن ۾ رائج آهي ته خوشبودار گل ۽ ڪجيءَ جي شاخ قبر تي رکندا آهن اها هن حديث جي ڪري سنّت آهي. (مرقاة المفاتيح، جلد2، ص 53)

سوال: جيڪڏهن عورت جي ميّت هجي ته ان کي ڪفن ۾ شلوار پارائڻ درست آهي يا نه؟

جواب: عورت جي سنّت ڪفن ۾ پنج ڪپڙا آهن. ❖ لفافو ❖ ازار ❖ قميص ❖ پوتي ❖ سينو بند، عورت کي ڪفن ۾ شلوار پارائڻ سنت ناهي ۽ ان جي ڪا حاجت به نه آهي.

سوال: ميّت جي گهر فوتگي واري ڏينهن پري کان جيڪي رشتيدار آيل هوندا آهن انهن جي کائڻ ۽ رات رهڻ جو انتظام ڪرڻ شرعاً ڪيئن آهي؟ جيڪڏهن کاڌي جو اهتمام نه ڪيو وڃي ته گهڻن ڳوٺن ۾ هوٽل به ناهن هوندا جتان مهمان پاڻ وٺي کائن ۽ نه وري پاڻ کو اهتمام ڪري سگهندا هجن ته اهڙي صورت ۾ ڇا ڪرڻ گهرجي؟

جواب: مائٽن يا پاڙي وارن جو ميّت جي گهر وارن لاءِ پهرين ڏينهن ايترو کاڌو موڪلڻ جو اهي ان کي به وقت کائي سگهن سنّت آهي بلڪ اصرار ڪري انهن کي کارائڻ گهرجي. اهڙي طرح پري کان آيلن مان جيڪو اهل ميّت آهي اهو به هن کاڌي کي کائي سگهي ٿو. انهن کان علاوه جيڪي ميڙ لڳائي ماڻهو پيل هوندا آهن انهن جي لاءِ ميّت وارن جي کاڌي جي انتظام ۾ مشغول ٿيڻ دعوت ميّت جي زمري ۾ داخل بري رسم آهي. جيڪڏهن ميّت وارن مان ڪو پنهنجي خاص ڪيسي مان ڪري تڏهن به منع آهي ۽ مالِ متروڪ مان ڪري تڏهن به، بلڪ ترڪي ۾ جيڪڏهن نابالغ به هجن انهن جي حصن مان ڪئي ته سخت حرام آهي. (فتاويٰ رضويه9/ ص 666)

سوال: جيڪڏهن به ماڻهو دنياوي جهڳڙي جي ڪري ناراض هجن انهي

دوران انهن مان هڪ مري وڃي ته دنياوي جهڳڙي جي ڪري زنده ماڻهو جي لاءِ مرڻ واري جي نماز جنازه نه پڙهڻ تي ڇا حڪم آهي؟

جواب: جيڪو بغير شرعي عذر جي ٽن ڏينهن کان وڌيڪ مسلمان ڀاءُ کان ناراض رهندو آهي اهو فاسق آهي. حديث پاڪ ۾ هڪ مسلمان جا ٻي مسلمان تي جيڪي حق بيان ڪيا ويا آهن انهن مان هڪ نماز جنازه پڙهڻ به آهي ان ڪري جيڪو پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي نماز جنازه ۾ شريڪ ٿي سگهي ٿو ان کي بغير عذر جي نه ڇڏي ۽ دنياوي جهڳڙي جي ڪري مسلمان ڀاءُ جي نماز جنازه کي ڇڏڻ ته هرگز نه گهرجي.

سوال: غسل ڏيڻ جي دوران ميّت جي منهن ۾ نقلي ٻتيهي، سون جو ڏند، نقلي اک يا لينس وغيره جيڪي نظر جا هوندا آهن انهن جو ڇا حڪم آهي؟

جواب: ان ۾ قاعدو هي آهي ته اهڙي طرح جون هٿرادو شيون جيڪڏهن باآساني الگ ڪري سگهون ٿا جو ميّت کي تڪليف نه پهچي ته الگ ڪرڻ جي اجازت آهي ۽ جيڪڏهن ميّت کي تڪليف ٿيندي ته نه.

سوال:ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي جو جڏهن نئي قبر کوٽي ويندي آهي ته هڏيون نڪري اينديون آهن اهڙي صورت ۾ ڇا ڪيو وڃي؟

جواب: ڪنهن جڳهه تي ميّت جي دفن هجڻ جي خبر هجي جيتوڻيڪ سال گذري وڃن ان جڳهه کي کوٽي ڪري ٻين مردن کي دفن ڪرڻ

ناجائز ۽ حرام آهي. ۽ خبر نہ هئي ۽ کوٽائي جي دوران هڏيون نڪتيون تہ انهن کي ٻيهر دفن ڪري ۽ ڪنهن ٻي جڳهہ نئي قبر کوٽي وجي.

سوال: ڪڏهن هيئن بہ ٿيندو آهي تہ مينهن جي ڪري قبر ۾ ڏار پئجي ويندو آهي تہ ماڻهو جهاتي پائي ڏسندا آهن ايئن ڪرڻ ڪيئن؟

جواب: اتي غور ڪرڻ گهرجي تہ جڏهن مڙدي کي قبر ۾ بند ڪري الله تبارڪ و تعالي جي حوالي ڪيو ويندو آهي تہ هاڻي عالم برزخ جو سلسلو شروع ٿي ويندو آهي تہ هاڻي هي الله تعالي ۽ مڙدي جي وچ جا راز هوندا آهن ان ڪري ڪنهن کي بہ ان تي مطلع( باخبر) ٿيڻ جي ڪوشش ڪرڻ يا قبر ۾ جهاتي پائڻ جي اجازت ناهي.

سوال: جيڪو ننڍو ٻار زنده پيدا ٿي ڪري مري وجي ۽ ان جو نالو نہ رکيو ويو تہ ڇا بعد ۾ نالو رکڻ ضروري آهي يا نہ ؟ ان جي باري ۾ ارشاد فرمائي ڇڏيو؟

جواب: جيڪو ٻار زنده پيدا ٿي ڪري مري ويو ان جو جنازو بہ ٿيندو ڪفن دفن بہ ٿيندو ۽ ان جو نالو بہ رکيو ويندو، اهڙي طرح جيڪو ٻار زنده پيدا ناهي ٿيو تہ ان جو نالو بہ رکيو ويندو جيڪڏهن اُن وقت جلدي يا صدمي جي ڪري نالو رکڻ وسري ويو ۽ دفن ڪري ڇڏيو تہ پوءِ بہ نالو رکي سگهوٿا.

سوال: ڇا غسل ميّت ۾ استنجاء جي لاء ٽيلهي استعمال ڪري سگهجي ٿي؟
جواب: عام طور تي غسل ميّت ۾ استنجاء جي لاءِ استعمال ڪيو ويندڙ ڪپڙو ٽيلهي وانگر هوندو آهي جنهن کي هٿ تي چاڙهي ڪري

استعمال ڪري سگهجي ٿو.

سوال: ڪجهه علائقن ۾ اڄ ڪلهه اڪثر طور تي قبرن جي اندر سيمنٽ جا ٺهيل بلاڪ لڳايا ويندا آهن ۽ مٿان بند ڪرڻ لاءِ به سيمنٽ جون ٺهيل سرون لڳايون وينديون آهن، ته ڇا اهڙي طرح دفن ڪرڻ جائز آهي؟

جواب: سيمنٽ ڇو ته باهه مان ٺهندو آهي ان ڪري سيمنٽ جا بلاڪ يا باهه جون ٺهيل سرون قبر جي اندر نه لڳايون وڃن ۽ جيڪڏهن قبر جي مٽي ڪرڻ جو خدشو آهي ته اهي سرون يا بلاڪ لڳائڻ کان پوءِ انهن تي مٽي جو ليپو لڳايو وڃي اهڙي طرح سيمنٽ جي سرن جي اندر واري حصي تي به مٽي جو ليپو ڏنو وڃي ته جيئن ميّت جي هر طرف مٽي ئي مٽي هجي، جيڪڏهن ڪنهن ايئن نه به ڪيو ته هو گنهگار ناهي.

سوال: ڇا مڪروه وقت ۾ نماز جنازه پڙهي سگهون ٿا؟

جواب: جيڪڏهن مڪروه وقت ۾ ئي جنازو آندو ويو ته ان صورت ۾ نماز جنازه جي ادائيگي مڪروه وقت ۾ به ٿي سگهجي ٿي ۽ جيڪڏهن جنازو پهريان کان تيار آهي ۽ مڪروه وقت داخل ٿي ويو ته هاڻي مڪروه وقت ۾ جنازو پڙهڻ جي اجازت ناهي.

سوال: جڏهن ميّت کي غسل ڏنو ويو هجي ۽ ڪفن اڃان نه پارايو ويو هجي، هاڻي رشتيدارن مان ڪو خواهش ڪري ته مان به غسل ۾ شامل ٿيان ته ڇا هو غسل ۾ شامل ٿي سگهي ٿو ان جي باري ۾ ارشاد فرمايو؟

جواب: ميّت جي غسل جي وقت نيڪ ماڻهو شامل ٿين ۽ جيترن ماڻهن جي حاجت آهي صرف اهي ئي ميّت وٽ ويهن ۽ جڏهن غسل ڏنو ويو ته هاڻي ڪنهن کي شريڪ ٿيڻ جي (يا پاڻي وهائڻ جي) اجازت ناهي.

سوال: جيڪڏهن ڪنهن ميّت جي پردي جي جڳهه تي زخم هجي ته ڇا ان زخم جي جاءِ کي ڏسڻ جي اجازت آهي ته جيئن احتياط سان غسل ڏئي سگهون؟

جواب: غسل ڏيڻ جي لاءِ اهڙي زخم کي ڏسڻ جي اجازت ناهي، ها پاڻي وجهڻ ۾ احتياط ڪيو ۽ هٿ وغيره نه ڦيريو.

سوال: جڏهن قبر تي اذان ڏني ويندي آهي ته ماڻهن کي چيو ويندو آهي ته توهان هليا وڃو. هاڻي هتي ويهڻ جي ڪنهن کي اجازت ناهي ان حوالي سان رهنمائي ڪيو ته شرعي اعتبار سان ايئن ڪرڻ ڪيئن آهي؟

جواب: قبر تي اذان ڏيڻ مان مقصود شيطان کي پري ڪرڻ هوندو آهي ۽ روايتن ۾ آهي ته جڏهن دفن ڪري ماڻهو چاليهه قدم پري هليا ويندا آهن ته هاڻي منڪرنڪير جو اچڻ ٿيندو آهي. ان ڪري باقي ماڻهن کي وڃڻ جو چيو ويندو آهي جو اهي هليا وڃن ته اذان ڏني وڃي پر جيڪڏهن ڪو اتي ويٺو هجي ۽ ان وقت اذان ڏني وڃي ته ان ۾ شرعًا ڪو حرج ناهي.

سوال: ڪجهه اسلامي ڀائر دفن ڪان پهريان قبر ۾ لهي ڪري سورة ملڪ جي تلاوت ڪندا آهن اهو ڪرڻ ڪيئن آهي؟

جواب: قبر ۾ لهي ڪري مردي جي آساني جي لاءِ قرآن پاڪ جي جيڪڏهن تلاوت ڪندا آهن ته اهو جائز آهي ان ۾ حرج ناهي، البت ان ڳالهه جو خيال رکو ته جيڪڏهن تدفين جي لاءِ ميّت اچي وئي ته ان وقت ميّت کي جهلي پوءِ لهي ڪري تلاوت ڪرڻ جي بجاءِ ميّت جي اچڻ کان پهريان ئي تلاوت ڪري ونجي.

سوال: ڪڏهن ڪڏهن گهٽي بارش ۽ پاڻي جمع هئڻ ڪري ڪجهه قبرون هڪ طرف جهڪي وينديون آهن بلڪ ڪيئي قبرن جي ڪِرَڻ جو به خدشو هوندو آهي انهن کي ٻيهر درست ڪرڻ جي باري ۾ مدني گل ارشاد فرمايو؟

جواب: ان صورت ۾ قبر کولڻ جي اجازت ناهي بلڪ ٻاهران ئي قبر کي کهڙي به طرح درست ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي. اهڙي طرح جيڪڏهن سليب(تختو) ڪري پيو آهي ته ان صورت ۾ هڪ ڪپڙو وغيره مٿان وجهي ڪنهن نيڪ صالح متقي ماڻهو کي چئو ته اهو قبر ۾ جهاتي پائي ڏسڻ بغير صرف هٿ وجهي سرون درست ڪري پوءِ ٻيون سرون فوري طور تي ڏيکيون وڃن. هن دوران قبر ۾ جهاتي پائڻ جائز ناهي.

سوال: عورت جو قبرستان ۾ فاتحه جي لاءِ وڃڻ ڪيئن آهي؟

جواب: عورتن کي قبرستان وڃڻ منع آهي، بلڪ مزارات جي حاضري به منع آهي، صرف ۽ صرف نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي روضي مبارڪ تي عورتن کي حاضري جي اجازت آهي، (بلڪ سنّت موکّده واجب جي قريب آهي) ان کان علاوه ڪنهن به مزار يا قبرستان ۾ فاتحه جي لاءِ

عورتن ڪي وڃڻ منع آهي، اجازت ناهي، گهران ئي فاتحہ پڙهي ان جو ايصال ثواب ڪري.

سوال: ڪڏهن ڪڏهن ميّت کي بطور مجبوري امانت جي طور دفن ڪيو ويندو آهي تہ ان جو ڇا حڪم آهي؟

جواب: امانت طور دفن ڪرڻ تہ بعد ۾ ڪنهن ٻي جڳهہ دفن ڪنداسين، اسلام ۾ ان جي اجازت ناهي، جتي دفن ڪري ڇڏيو اتي ئي رهڻ ڏيو اتان ڪڍي ڪري ڪنهن ٻي جڳهہ منتقل ڪرڻ حرام آهي.

## مجلس ڪفن دفن جو تعارف

عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي 79 کان وڌيڪ شعبہ قائم ڪري نيڪي جي دعوت ۽ احياءِ سنت ۾ مصروفِ عمل آهي. انهن مان مجلس ڪفن دفن بہ آهي جيڪا شريعت ۽ سنت جي مطابق عاشقانِ رسول جي تجهيز ۽ تڪفين ۽ لواحقين جي غمگساري ڪري ثواب ڪمائڻ ۾ مصروف آهي. ڳڏوگڏ عاشقانِ رسول (اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن) کي تجهيز ۽ تڪفين سيکارڻ ۾ مصروفِ عمل آهي. جيئن تہ تجهيز ۽ تڪفين ۾ حصو وٺڻ جي ترغيب ۽ تجهيز ۽ تڪفين سيکارڻ جي لاءِ شعبہ ڪفن دفن جي طرف کان ملڪ ۽ بيروني ملڪ ۾ ويڊيو اجتماعن جو انعقاد ڪيو وڃي ٿو جنهن ۾ عاشقانِ رسول کي موت کان وٺي ڪري تدفين تائين جي درپيش مسئلن جي باري ۾ آگاهہ ڏني وڃي ٿي. ڪفن دفن جا عملي اجتماع منعقد ڪيا ويندا آهن ۽ عملي طور تي غسلِ ميّت ۽ ڪفن ڪٽڻ ۽

پارائڻ جو طريقو سيکاريو ويندو آهي. ان ڪان علاوه ڪفن دفن رهائشي ڪورس ۽ آن لائن ڪفن دفن شارٽ ڪورس جو بہ سلسلو آهي. (الحمدلله! اسلامي ڀينرن ۾ بہ تجهيز ۽ تڪفين جو شعبو قائم آهي ۽ اسلامي ڀينرن جي تجهيز ۽ تڪفين، غمگساري ۽ تجهيز و تڪفين سکڻ سيکارڻ جو سلسلو جاري آهي) انهيءَ طرح ڪتبہ فروش(يعني قبرن تي نالو لکندڙ)، ڪفن فروش، ۽ قبر کوٽيندڙ جي وچ ۾ بہ حلقا لڳايا ويندا آهن ۽ انهن کي بہ اهي معاملات سنت ۽ شريعت جي مطابق سرانجام ڏيڻ جو ذهن ڏنو ويندو آهي. وڌيڪ آساني جي لاءِ هڪ موبائيل ايپليڪيشن ناهي وئي آهي جنهن جو نالو آهي muslim funeral (kafan dafan) app . جنهن ۾ اينيميٽڊ (Animated) جي ذريعي مختلف عنوانن تحت مرحلا ۽ تجهيز ۽ تڪفين جو طريقو ڏيکاريو ويو آهي. وڌيڪ معلومات ۽ رابطي جي لاءِ هن شعبي جي ويب سائيٽ (tajheezotakfeen.dawateislami.net) بہ وزٽ ڪري سگهجي ٿو. الحمدلله! شعبہ ڪفن دفن جي تحت ٽئين، ٻارهين، چاليهين ۽ ورسي جي موقعي تي ايصالِ ثواب اجتماعن جو بہ اهتمام ڪيو ويندو آهي. انهن تمام امور کي سهڻي انداز سان سرانجام ڏيڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي تنظيمي تقسيم تحت مختلف سطح(شوريٰ، ملڪ، ڪابينہ، ڊويزن، ۽ علائقہ سطح) تي ذميدارن جو تقرر ڪيو ويندو آهي جيڪي باهمي مشاورت سان انهن ڪمن کي بهتر کان بهتر انداز ۾ سرانجام ڏيڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. الله پاڪ دعوتِ اسلامي جي شعبي ڪفن دفن ۽ ٻين تمام شعبن کي خوب ترقيون عطا فرماءِ آمين.

## ميّت جا وارَ ۽ ننهن ڪٽڻ

ميّت جي ڏاڙهي يا مٿي جي وارن ۾ ڦڻي ڏيڻ يا ننهن ڪٽڻ يا ڪنهن

جڳھ جا وار لاھڻ يا ڪٽڻ  يا اُکيڙڻ ناجائز ۽ مڪروهِ تحريمي آھي بلڪ حڪم ھي آھي تہ جنھن حالت تي آھي اُنهيءَ حالت ۾ دفن ڪري ڇڏيو، ها جيڪڏھن ننھن ڀڳل ھجي تہ ڪٽي سگھون ٿا ۽ جيڪڏھن ننھن يا وار ڪتري ورتا تہ ڪفن ۾ رکي ڇڏيو. (رد المحتار، ج. 3، ص. 104)

## خنثيٰ جي غسلِ ميّت ۽ ڪفن جو طريقو

خنثيٰ مشڪل(يعني جنھن ۾ مرد ۽ عورت جون ٻئي علامتون ھجن ۽ اھو ثابت نہ ٿئي تہ مرد آھي يا عورت) کي عورت جيان پنج ڪپڙا ڏنا ويندا مگر ڪسم يا زعفران جو رنگيل ۽ ريشمي ڪفن ان کي ڏيڻ ناجائز آھي. (فتاويٰ ھنديه جلد1 ص 161)

## مستعمل پاڻي جو اھم مسئلو

جيڪڏھن بي وضو شخص جو ھٿ يا آڱر جو پورو يا ننھن يا جسم جو ڪو حصو جيڪو وضو ۾ ڌوتو ويندو آھي، اھو ڄاڻي واڻي يا بي خيالي ۾ ڏھ دَر ڏھ (10x10 square feet) کان گھٽ پاڻي ۾ بغير ڌوتل پئجي وڃي تہ اھو پاڻي وضو ۽ غسل جي لائق نہ رھيو. اھڙيءَ طرح جنھن تي غسل فرض ھجي ان جي جسم جو ڪو اڻ ڌوتل حصو پاڻيءَ سان لڳي وڃي تہ اھو پاڻي وضوءَ ۽ غسل جي ڪم جو نہ رھيو. جيڪڏھن ڌوتل ھٿ يا ڌوتل جسم جو ڪو حصو پئجي وڃي تہ حرج ناھي. (بہارِ شريعت،333/1) (مستعمل پاڻي ۽ وضو ۽ غسل جا تفصيلي احڪام سکڻ جي لاءِ بھارِ شريعت حصو 2 جو مطالعو ڪيو)

## مستعمل پاڻي کي ٻيهر ڪم جو بڻائڻ جا ٻہ طريقا

(1) پاڻي ۾ اڻ ڌوتل هٿ پئجي ويو يا ڪنهن طرح مستعمل ٿي ويو ۽ چاهيو تہ هي ڪم جو ٿي وڃي تہ جيترو مستعمل پاڻي آهي ان کان وڌيڪ مقدار ۾ سنو پاڻي ان ۾ ملائي ونو، سڀ ڪم جو ٿي ويندو. (2) ٻڻ هڪ طريقو هي بہ آهي تہ ان ۾ هڪ پاسي کان پاڻي وجهو جو ٻي پاسي کان وهي وڃي سڀ ڪم جو ٿي ويندو.

## عوام ۾ پايون ويندڙ غلطيون

❖ ميت جا ننهن، وار ڪٽڻ. ❖ ميت جا ڪپڙا اجلي ڇڏڻ. ❖ غسل ميت کان پهريان تختي کي بنا ضرورت ڌوئڻ. ❖ جنهن جڳهہ غسل ڏنو اُتي 40 ڏينهن تائين روشني ڪرڻ. ❖ جيڪو غسل جو تختو ڪٽي اچي اهوئي واپس ڇڏي اچي نہ تہ ڪا مصيبت پهچندي. ❖ مُردي جي ڪفن ۾ گوڏ لازمي قرار ڏيڻ. ❖ قبر تي اگربتيون ٺوڙي اچلڻ. ❖ غسلِ ميّت جو صابڻ ٻيهر استعمال ۾ آڻڻ ناجائز سمجهڻ. ❖ ميّت جا ڪپڙا قبرستان ۾ ڇڏي اچڻ ان جي ڪري تہ ڪٽي مُردي جو روح اسان کي نہ پڪڙي وني. ❖ ميتّ جي غسل جو پاڻي گٽر ۾ هليو وڃڻ کي ناجائز خيال ڪرڻ. ❖ وڏي عمر جي عورت کي ان جي مڙس جي جنازي سان 40 قدم ساڻ اهو سوچي هلڻ تہ اهڙي طرح ڪرڻ سان عدت ختم ٿي ويندي. ❖ ٻار مري وڃي تہ قبرستان کان ٻاهر دفن ڪرڻ لازمي سمجهڻ.

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيّتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❋ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❋ روزانو ”فڪرِ مدينه“ جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي“ اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي اصلاح جي لاءِ ”مدني انعامات“ تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ ”مدني قافلن“ ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ







عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net